SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر XV، 1970

اولهه پاڪستان فنانس ايڊ ٽ (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان
2. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 2 جي ترميم:
3. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 16 جي ترميم:

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر XV، 1970

اولهه پاڪستان فنانس ايڊجسٽمينٽ (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

[28 ڊسمبر 1970]

تمهيد

هڪ آرڊيننس، اولهه پاڪستان فنانس ايڊجسٽمينٽ، 1963ع ۾ ترميم لاءِ

جيئن تہ اولهه پاڪستان فنانس ايڊجسٽمينٽ، 1963ع، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيڻ لاءِ هيٺين ريت ترميم ٿيڻ ضروري ٿي پئي آهي:

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي پيروي ڪندي (Proclamation) ساڻ، عبوري آئيني حڪم (PCO) جي ان سلسلي ۾ تفويض ڪيل سمورن اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان

1. (1) هي آرڊيننس اولهه پاڪستان فنانس ايڈجسٽمينٽ (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 2 جي ترميم

2. اولهه پاڪستان فنانس ايڈجسٽمينٽ ايڪٽ، 1963ع، سنڌ صوبي اندر لاڳو ٿيڻ لاءِ، مذڪوره ايڪٽ جو حوالو ڏيندي دفعه 2 (Section) جي شق (b) (Clause) کانپوءِ هيٺين شق (Clause) وڌي ويندي، يعني:

"(bb) "تجويز ڪيل" "Prescribed" مطلب هن آرڊيننس جي قاعدن موجب تجويز ڪيل آهي.".

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 16 جي ترميم

3. ماڻايل ايڈجسٽمينٽ ايڪٽ، 1963ع جي دفعه 16 (Section) ۾، ذيلي دفعه (2) (Sub_Section) کانپوءِ، هيٺ ڏنل ذيلي دفعات (Sub-Sections) وڌايون ويندیون، يعني:

"(2-a) ڪو به خاص شهري علاقي ۾ غير متحرڪ ملڪيت ۽ ڪرو، مٿڻ سٽا يا منتقل ڪري ٿو جيئن ذيلي دفعه (1) (Sub-Section) جي شق (a) (Clause) يا شق (b) (Clause) ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ اهو ۽ ڪرو، مٿڻ سٽا يا منتقلي، ستن ڏينهن اندر، مقرر ڪيل اختياري وٽ هيٺ ڏنل تفصيل ساڻ پيش ڪئي ويندي.

(i) نالو، پيءُ جو نالو، شعبو ۽ ان خاص جوءِ جمل پتو جنهن ملڪيت ۽ ڪرو، مٿڻ سٽا يا منتقل ڪئي آهي ۽ جنهن خاص کي ملڪيت ۽ ڪرو يا منتقل ڪئي وئي آهي يا جنهن سان اها مٿڻ سٽڻ ڪئي وئي آهي.

(ii) ملڪيت جا تفصيل ۽ هنڌ،

(iii) ملڪيت لاءِ مليل قيمت يا ملهه يا ٻيو عيوضو ۽

(iv) اهڙي وڌيڪ معلومات يا تفصيل (Particulars) جيڪي مقرر ٿيل هجن.

(2-b) رجسٽرار يا سب رجسٽرار جيڪو رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 {1908 جو ايڪٽ 15 (Act XV of 1908)} تحت ۽ ڪرو، مٿڻ سٽا يا منتقلي سان لاڳاپيل ڪو به ڪاغذ ڪنهن مخصوص شهري علاقي اندر ذيلي دفعه (1) (Sub-Section) جي شق (a) (Clause) يا شق (b) (Clause) تحت رجسٽر ڪري ٿو اهڙي رجسٽريشن جي 15 ڏينهن اندر بنا معاوضي سچو نقل ڇاڻايل اختياري ڪي مهيا ڪندو.

(2-c) جيڪو هن اهو شخص، جيڪو ذيلي دفعہ (2) (Sub-Section 2-a) (a- تحت پابند ٿيل
باوجود مقرر عرصي اندر بيان (Statement) ڏيڻ ۾ اختياري وٽ پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو يا اهو
بيان پيش ڪري ٿو جيڪو ٻوهو ڏيڻ ٿو يا ان وٽ اهو ٻوڙو يا غلط هجڻ يا درست مڃڻ لاءِ هڪ سبب
آهي، ته اهو ذميوار هوندو ته واجب الادا محصول (Tax due) سان گڏ (Penalty) پرٽو پوندو
جيڪو واجب الادا ٽيڪس (Tax due) کان زياده نہ هوندو.

(2-d) ٻوڌ شخص جيڪو ٽيڪس جي عمل، نفاذ يا آوگڻڻي سان لاڳاپيل حڪم سبب متاثر آهي يا
ذيلي دفعہ (2-b) (Sub-Section) تحت ڏيل حڪم، جنهن ۾ ڏنل لڳايو ويو هجي، اهي حڪم
جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان 30 ڏينهن اندر ڊائريڪٽر، ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن کي اپيل
(Appeal) ڪري سگهي ٿو ۽ ڊائريڪٽر درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ، اهي حڪم
جي توثيق (Confirm)، منسوخي (Rescind) يا نظرثاني (Modify) ڪري سگهي ٿو.

(2-e) ڊائريڪٽر جنرل، ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن، پنهنجي مرضي سان (On his own accord)
ڪنهن بہ وقت، يا ڪنهن متاثر شخص طرفان ذيلي دفعہ (2-d) تحت پاس ڪيل اپيليٽ آرڊر
(Appellate Order) جي 30 ڏينهن جي اندر درخواست (Petition) ملڻ تي، ان ذيلي دفعہ (2-d)
تحت ڪنهن بہ اپيليٽ آرڈر تي نظرثاني ڪري سگهي ٿو.

[redacted]	نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.